# قرباني

## انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي سُنَّت آهي

**15-July-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 جولاءِ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قرباني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي سُنَّت آهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ..........

❖... قرباني جو حڪم هر اُمَّت کي ڏنو ويو

❖... انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ اُن جي قومن جون قربانيون

❖... قرباني ۾ تقويٰ جون تقاضائون

❖... جانورن کي تڪليف نه ڏيو

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان ڪان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن ڪان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا ٻہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ دُرُودِ پاڪ پڙهيا هوندا.** (ترمذی، ابواب: الوتر، صفحہ:144، حديث:474)

بچیں بے کار باتوں سے، پڑھیں اے کاش! کثرت سے ترے محبوب پر ہر دَم درودِ پاک ہم مولیٰ!

(وسائلِ بخشش، صفحہ:99)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت سڀني ڪان افضل آهي.

(بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حدیث:1)

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم ڪان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايون ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شيخ طريقت، اَمير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ابلق گهوڙي سُوار“ ۾ هڪ ايمان افروز حِڪايت نقل فرمائي آهي، ان جو مَضمُون ڪجھ هن طرح آهي: حضرت اَحمَد بن اسحاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجو ڀاءُ غربت جي باوجود الله پاڪ جي رضا جي نيّت سان هر سال عيدالاَضحيٰ تي قرباني ڪندو هو، ان جي انتقال ڪان پوءِ مون هڪ خواب ڏٺو ته قِيامت قائم ٿي وئي آهي، ماڻهو پنهنجي پنهنجي قبرن مان نڪري آيا آهن، اوچتو منهنجو مرحوم ڀاءُ هڪ اَبلَق (يعني چٽڪمري) گهوڙي تي سوار نظر آيو، ان سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي گهوڙا هئا، حضرت اَحمد بن اسحاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي ڀاءُ کان پڇا ڪئي ته يا اَخِي! مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ يعني اي منهنجا ڀاءُ! الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو

ڪيو؟ چوڻ لڳو: الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو، پڇا ڪئي: ڪهڙي عمل سبب؟ چيائين: هڪ ڏينهن ڪنهن غريب بُڍڙيءَ کي ثواب جي نيّت سان مون هڪ دِرهم (يعني چاندي جو سڪو) ڏنو هو، اهو ئي ڪم اچي ويو، وري مون پڇا ڪئي: هي گهوڙا ڪنهن جا آهن؟ چيائين: **اهي سڀ منهنجون عيدالاضحيٰ واريون قربانيون آهن ۽ جنهن تي مان سوار آهيان، هي منهنجي سڀ کان پهرين قرباني آهي.** مون پڇيو: هاڻي ڪيڏانهن جو ارادو آهي؟ چيائين: جنّت جو، اهو چئي ڪري منهنجي نگاهه کان غائب ٿي ويو. (ابلق گهوڙے سوار، صفحہ:1تا2) **الله پاڪ جي اُنهن تي رَحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مَغفِرَت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! قُرباني سُنَّتِ ابراهيمي، سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ انبياءِ ڪرام جي سنّت آهي، جيئن ته عيدالاضحيٰ ويجهو آهي ۽ عيدالاضحيٰ جي سڀ کان اَهم ۽ خصوصي عِبَادت قرباني آهي، انهيءَ مُناسَبَت سان اڄ اسان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! قرباني جي باري ۾ قرآنِ ڪريم جون ٽي آيتون، ان جي وضاحت ۽ انهن آيتن جي روشني ۾ عِلم ۽ حڪمت جا مدني گل ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي قرآنِ ڪريم سمجهڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جان، مال، وقت وغيره جون قربانيون پيش ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي ۽ ڪاش! قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي رحمت سان بي حساب جنّت ۾ داخلو نصيب ٿي وڃي.**

يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰن يَا حَنَّانُ يَا مَنَّان
بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ یاالله! مِری جھولی بھر دے
نارِ جہنّم سے تُو بچانا خُلد بریں میں مجھ کو بسانا
یَارَبّ از پئے شاہِ مدینہ یاالله! مِری جھولی بھر دے

بخش دے میری ساری خطائیں کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں
برسا دے رحمت کی برکھا یااللہ! مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:121تا123ملتقطاً)

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# پهرين آيت: قرباني جو حڪم هر اُمّت کي ڏنو ويو

سيپاري: 17، سوره حج، آيت:34 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ ﴿۳۴﴾ (پاره17،سورة الحج:34)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هر امت جي واسطي اسان هڪ قرباني مقرر فرمائي جو الله جو نالو وٺن الله جي ڏنل بي زبان چوپاين تي.

هن آيت جي حوالي سان **تفسير صِراطُ الجِنان ۾ آهي**: آيت جي معنيٰ اها آهي ته پهريان جيتريون ايماندار اُمتون گذريون آهن، انهن مان هر اُمَّت جي لاءِ الله پاڪ هڪ قُرباني مقرر فرمائي هئي ته اهي جانورن کي ذبح ڪرڻ مهل ان تي الله پاڪ جو نالو وٺن. (صراط الجنان، پاره:17، سورۂ حج، زیرِآیت:34، جلد:6، صفحہ:443)

اے مسلماں! سُن یہ نکتہ درسِ قرآنی میں ہے عظمتِ اسلام و مُسْلِم صرف قربانی میں ہے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت سڳوري مان 2 مدني گل سکڻ لاءِ مليا: (1): جانور ذبح ڪرڻ مهل الله پاڪ جو نالو وٺڻ شرط آهي، **بهارِ شريعت ۾ آهي**: ذبح ڪرڻ مهل جيڪر ڄاڻي واڻي بسم الله نه پڙهي ته جانور حرام ٿي ويندو ۽ جيڪر ذبح ڪرڻ وارو بسم الله پڙهڻ وسري ويو ته ان صورت ۾ جانور حلال آهي ❖ اهڙي طرح جيڪڏهن ٻه ماڻهو گڏجي جانور ذبح ڪن ته ضروري آهي ته

ٻئي بسم الله پڙهن، جيڪڏهن هڪ ٻه ڄاڻي واڻي بسم الله نه پڙهي ته جانور حرام ٿي ويندو. (بہارِشریعت، جلد:3، صفحہ:316 و 318، حصہ:15) ❖ ڪي ماڻهو ذبح ته قاصائي کان ئي ڪرائيندا آهن پر برڪت جي لاءِ ڇُري تي صرف هٿ رکندا آهن، ان جي لاءِ به ضروري آهي ته بسم الله پڙهن. (2): هن آيتِ ڪريمه مان ٻيو مدني گل اهو سکڻ لاءِ مليو ته قُرباني تمام پُراڻي عِبادت آهي، دُنيا جون تمام هدايت يافته قومون قُرباني ڪنديون هيون.

## انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ انهن جي قومن جون قُربانيون

جيڪڏهن تاريخي اعتبار سان ڏسون ته خبر پوندي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين هر اُمّت پنهنجي شريعت جي مُطابق قُرباني ڪندي هئي. مثال طور ❖ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جا شهزادا حضرت هابيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ سندن ڀاءُ قابيل قرباني پيش ڪئي جنهن جو ذِڪر قرآنِ ڪريم ۾ به آهي (صراط الجنان، پارہ:6، سورۂ مائدہ،زیرآیت:27، جلد:2، صفحہ:416) ❖ حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام بابت منقول آهي ته پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام باقاعده ذبح خانو ٺاهيو هو، جتي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جانورن جي قرباني پيش ڪندا هئا (قربانی کے احکام، صفحہ:34) ❖ الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه الٰهي ۾ پيش ڪيل انوکي قُرباني ته مشهور ۽ معروف آهي ❖ منقول آهي ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ دَور ۾ ماڻهو جانورن جون قربانيون پيش ڪندا هئا (قربانی کے احکام، صفحہ:53) ❖ بني اسرائيل وٽ به قرباني جو عام معمول هو، ماڻهو پنهنجا محبوب ترين جانور رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ قربان ڪندا هئا (تفسیرِ خازن، پارہ:4، سورۂآلِ عمران، زیرِآیت:183، جلد:1، صفحہ:327تا328) ❖ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ روايت آهي ته جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام بَيتُ المُقَدَّس تعمير ڪيو، ان وقت بني اسرائيل ڪي گڏ ڪيو ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ شڪراڻي طور تي جانور ذبح ڪيا. (معجم کبیر،جلد:3، صفحہ:167، حدیث:4350)

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ابن ڏاڏن جون قربانيون

❖ اهڙي طرح عرب ۾ ۽ خاص ڪري اسان جي آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ابن ڏاڏن ۾ قرباني جو مَعمُول هو ❖ سرڪارِ مديندء سردارِ مڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ نَسَب ۾ انهاويهون ڏاڏو حضرت قيذار رَضِيَ اللهُ عَنه آهي. پاڻ هڪ پيرو ڪنهن نيڪ مقصد جي لاءِ هڪ ئي وقت ۾ ايترين تہ قربانيون پيش ڪيون جو غيب مان آواز آيو: حَسْبُكَ يَا قَيْذَارُ! قَدْ قَبَّلَ اللهُ قُرْبَانَكَ اي قيذار! بَس ڪيو..! بيشڪ الله پاڪ اوهان جون قربانيون قبول ڪيون آهن. (حُجَّۃُ اللہِ عَلَى الْعَالَمِيْن، قسم:ثانی، باب:اول، صفحہ:163) ❖ اهڙي طرح پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڏاڏا حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنه بارگاهِ اِلٰهي ۾ اهڙي قُرباني پيش ڪئي جو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جي قُرباني جي ياد تازه ٿي وئي. منقول آهي تہ جڏهن حضور جي ڏاڏي سائين حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنه کي معلوم ٿيو تہ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلام کي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي قرباني پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو تہ حضرت سَيدُنا ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلام الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي قرباني پيش ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا هئا تہ حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنه بہ پنهنجي ڏاڏي حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلام جي پيروي ۾ باس باسي تہ جيڪڏهن الله پاڪ مون کي 10 پٽ عطا ڪيا تہ مان شڪراڻي طور اُنهن مان هڪ پٽ کي رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ قُربان ڪندس. اِمَام جَلالُ الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنه جي پيشاني مُبَارَڪ ۾ نورِ مصطفيٰ عَلٰي صَاحِبِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام روشن هوء انهيء نور مُبَارَڪ جي برڪت سان پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنه کي اِلهام ٿيو هو (يعني الله پاڪ جي طرفان سندن دِل ۾ اها ڳالهه وڌي وئي هئي، جنهن

تي عمل ڪندي) پاڻ پٽ قربان ڪرڻ جي باس باسي. (رسائل امام جلال الدین، مسالک حُنَفاء، مسلک: ثانی، صفحہ:38)

بهرحال! حضور پاڪ جي ڏاڏي سائين حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ جي تمنّا پُوري ٿي، الله پاڪ کيس 10 پٽ عطا ڪيا. هڪ ڏينهن حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ ڪعبي شريف جي ويجهو آرام فرما هئا، خواب ۾ ڏٺائون ته ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي عبد المطلب! پنهنجي باس پوري ڪريو..!!

حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ بيدار ٿيا، تمام پٽن کي گڏ ڪري انهن کي پنهنجي باس بابت ٻڌايائون، سيني پٽن اَدَب سان عرض ڪيو: بابا سائين! پنهنجي باس پوري ڪريو، اسان مان جنهن کي چاهيو اوهان قربان ڪري سگهو ٿا.

روايت آهي ته سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي والِدِ محترم حضرت عبد الله رَضِیَ اللہُ عَنہ سڀ کان پهريان حضرت عبد المطلب جي اطاعت ڪئي ۽ پاڻ کي قُرباني جي لاءِ پيش ڪيائون پر حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ سيني پٽن کي فرمايو: تِيرن تي پنهنجو پنهنجو نالو لکي مون کي ڏيو! تمام پٽن يڪدم حڪم تي عمل ڪيو، حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ اهي تمام تير ورتا ۽ خانه ڪعبه شريف جي خادِم کي ڏئي فرمايائون: انهن ۾ قرعه اندازي ڪيو! پاڻ حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ دُعا ۾ مَصرُوف ٿي ويا، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: الٰهي! مون هڪ پٽ قربان ڪرڻ جي باس باسي هئي، تون جنهن کي پسند ڪرين، قرعه اندازي ۾ ان جو نالو نڪري. (شرحِ زُرْقانی علی مواہب، مقصد: اول، ذکر: حفر زم زم، جلد:1، صفحہ:176تا177خلاصۃً)

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا والد حضرت عبد الله رَضِیَ اللہُ عَنہ سيني ڀائرن ۾ ننڍا پڻ هئا ۽ حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ کي سڀ کان وڌيڪ پيارا به هئا پر الله پاڪ جي قُدرت جو قرعه اندازي ۾ حضرت عبد الله رَضِیَ اللہُ عَنہ جو ئي نالو نڪري آيو. الله!الله...!! حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللہُ عَنہ

پنهنجي رب سان ڪيل وعدو نڀائڻ جي لاءِ پُرجوش هئا، ”محبتِ الٰهي“ سان سرشار ٿي پاڻ هڪ هٿ ۾ حضرت عَبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنه جي ٻانهن پڪڙي ٻي هٿ ۾ ڇُري ڪنئي ۽ باس پوري ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

اي عاشقانِ رسول! پٽ ۽ اهو به سڀ کان دادلو هجي، پنهنجي هٿن سان ذَبح ڪري ڇڏڻ دِل ڪيئن ٿي گوارا ڪري سگهي پر قُربان وڃجي! هن خاندان جو شان ئي نرالو آهي! صديون پهريان انهيءَ خاندان جي پڙڏاڏي حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلام عرب جي انهيءَ ريگستان ۾ محبتِ الٰهي سان سرشار ٿي پنهنجي دادلي پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي ڳلي تي ڇُري رکي هئي ۽ محبتِ الٰهي جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي دُنيا جهان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو، اڄ ان جي شهزادي حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنه انهيءَ قصي کي دهرائڻ جي لاءِ تيار آهن، الله !الله...!! نه پيشاني تي ڪو گهنج نه اکين ۾ لڙڪ، توڙي جو پيءُ جي دِل آهي پر عشقِ الٰهي ۾ اهڙو مضبوط آهي جو نه ڌڙڪن ٻي ترتيب ٿئي پئي، نه هٿ ڏڪي پيو، هوڏانهن حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنه کي ڏسو! محبتِ اِلٰهي سان مَعمُور سينو، نه جهجڪ نه ڪو خوف، پيشاني ۾ سلطانِ جهان، واليءِ ڪون ومڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو نُور جڳمڳائي رهيو آهي ۽ محبتِ اِلٰهي سان سرشار ٿي پنهنجي ڏاڏي سائين حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي سُنّت نڀائڻ جي لاءِ دِل و جان سان تيار آهن.

قريب هو جو حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنه پنهنجي دادلي شهزادي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنه جي ڳلي تي ڇُري هلائي باس پوري ڪندي ۽ زمين و آسمان کي حيران ڪري ڇڏين ها پر قريش سردار وچ ۾ اچي نوڙت سان، عاجزي سان عَرض گذار ٿيا: اي سَردَار! ڇا ڪرڻ جو ارادو آهي؟ فرمايائون: پٽ قربان ڪندس. چوڻ لڳا: اسان هر گز ائين ٿيڻ نه ڏينداسون، اوهان پنهنجي رب سان

مَعذرَت ڪري ونو! اڄ اوهان پٽ قربان ڪيو تہ سيئي اوهان جي پيروي ڪندا، ۽ اهو طريقو رائج ٿي ويندو. (شرحِ زُرْقانى على مواہب ، مقصد: اول، ذکر: حفر زم زم، جلد:1، صفحہ:177تا178) **حضرت عبد المطلب** رَضِیَ اللهُ عَنہ **پُرجوش لهجي ۾ فرمايو:**

عَاهَدْتُهٗ وَاَنَا مُوْفٍ عَهْدَهٗ وَاللهِ لَا يُحْمَدُ شَيْءٌ حَمْدَهٗ

**الله جي حمد جهڙي ڪنهن جي حمد ناهي، ان جو قسم! مان پنهنجي ربّ ڪريم سان ڪيل واعدو ضرور پورو ڪندس،**

اِذَا كَانَ مَوْلَایَ وَكُنْتُ عَبْدَهٗ نَذَرْتُ نَذْرًا لَا اُحِبُّ رَدَّهٗ

**هو منهنجو موليٰ، مان ان جو ٻانهو ۽ مان ان جي لاءِ باس باسي آهي تہ مان ان جي خِلاف ڪرڻ پسند نٿو ڪيان**

وَلَا اُحِبُّ اَنْ اُعِيْشَ بَعْدَهٗ

**جيڪڏهن ائين ڪيان تہ مون کي زِندگي سان ڪو پيار ناهي.**

(اعلامُ النُّبُوَّة، باب:ثامِن عَشر، صفحہ:162)

**حضور جي ڏاڏي سائين حضرت عبد المطلب** رَضِیَ اللهُ عَنہ **پٽ کي قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن پر قريش جا سردار رُڪاوٽ بڻجن ٿا، ڏگهو لفظي تڪرار ٿيو، آخر اهو طئي ٿيو تہ "خيبر" جي رهڻ واري هڪ انسان** (جيڪو ان وقت جي رائِج عُلوم ۾ مهارت رکندو هو، ان کان) **فيصلو ڪرايو وڃي، پوءِ سيئي گڏجي خيبر پهتا، ان شخص کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي، ان سڄو واقعو ٻڌي هڪ ڏينهن جي مُهلَت گهري، پوءِ اڳئين ڏينهن پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي چيائين: اي مڪي وارؤ! توهان وٽ دِيت** (قصاص) **ڪيتري آهي؟ ٻڌايو ويو: 10 اُٺ. اُن عِلم رکڻ واري اِنسان چيو: مڪي پاڪ موٽي وڃو ۽ عبد الله ۽ 10 اُٺن جي وچ ۾ قرعہ اندازي ڪيو، جيڪڏهن عبد الله جو نالو نڪري تہ اُٺن جو تعداد وڌائي ڇڏجو،**

جيستائين قرعہ اندازي ۾ اُنن جو نالو نہ نڪري، انن جو تعداد وڌائيندا رهو، جڏهن اُنن جو نالو نڪري تہ سمجهي وٺجو تہ عبد الله جي فديي ۾ ايترن اُنن جي قرباني تي توهان جو ربّ راضِي آهي. سيني اهو فيصلو مڃي ورتو، سڀئي مڪ مڪرمہ واپس موٽيا ۽ قرعہ اندازي شروع ٿي، پهريان 10، پوءِ 20، پوءِ 30 اُنن تي ڪٽا وڌا ويا، هر دفعي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنہ جو نالو نڪتو، ڪندي ڪندي 100اُنن تي پهتا تہ قرعہ اندازي ۾ اُنن جو نالو نڪتو، قريش وارن چيو: بَس! اي عبدالمطلب! اوهان جو ربّ 100 اُنن تي راضِي آهي. حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنہ فرمايو: مون کي اطمينان ناهي ٿيو، وَالله (الله جو قسم)! مان ٽي ڀيرا قرعہ وجهندس، پوءِ ٽي ڀيرا قرعہ اندازي ٿي ۽ ٽنهي ڀيري 100 اُنن جو نالو نڪتو. هاڻي حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنہ مطمئن ٿيا ۽ حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنہ جي فديي ۾ 100 اُٺ قُربان ڪري الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيائون. (شرحِ زُرْقانی علی مواہب ، مقصد: اول، ذکر: حفر زم زم، جلد:1، صفحہ:177تا178خلاصۃً)

هن واقعي کان پوءِ حضرت عبد اللهرَضِيَ اللهُ عَنہ جو لقب "ذَبِيح" (يعني بارگاهِ الٰهي ۾ پاڻ کي قرباني جي لاءِ پيش ڪرڻ وارو) مشهور ٿي ويو. صحابي اِبنِ صحابي حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنہ فرمائن ٿا: هڪ اعرابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي چيو: يا اِبنَ الذَّبِيحَين! اي ٻن ذبيحن جا پٽ! رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو ٻڌي مُرڪيا.حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنہ کان پڇيو ويو: اهي ٻہ ذَبِيح ڪير آهن؟ فرمايائون: هڪ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ٻيا والِدِ مصطفيٰ حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنہ. (مستدرک، کتاب:تواریخ، باب:بیانِ اختلاف، جلد:3، صفحہ:424، حدیث:4090)

خُدائے پاک کے حلدِ ہیں پیارے عبد اللہ ‏ بڑے ہی عابد و زاہد ہیں پیارے عبد اللہ

شک ان کے ایماں پہ کرنے سے پہلے یاد رکھو ‏ مرے رسول کے والدِ ہیں پیارے عبد اللہ

نبی کے صدقے میں کیا کیا عِنایتیں نہ ہوئیں ‏ ہو چشمِ عَدل تو شاہد ہیں پیارے عبد اللہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! ‏ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول** !معلوم ٿيو تہ پهريان جيترين ايماندار اُمَّتَون گذريون آهن، انهن سڀني جي لاءِ قرباني مقرر هئي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پٽن بہ قرباني ڪئي، حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت سليمان عَلَيهِمُ السَّلَام، بني اسرائيل، اَهلِ عَرَب، سرورِ ڪائنات، فَخرِ مَوجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جا ابا ڏاڏا اهي سڀئي قربانيون ڪندا هئا، الله پاڪ جو شُڪر ادا ڪندا هئا ۽ قرباني جي ذريعي الله پاڪ جو قُرب حاصِل ڪندا هئا، الله پاڪ کي راضِي ڪندا هئا.

**اي عاشقانِ رسول**! الحمد لله! اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ بہ قرباني ڪندا هئا ۽ سندن اُمَّت ۾ بہ هر اهو شخص جيڪو صاحِبِ نصاب آهي يعني ان وٽ ساڍا 7 تولا سون (Gold)، يا ساڍا 52 تولاچاندي، يا ان جي برابر رقم آهي، ٻيا شرط پاتا وڃڻ جي صُورت ۾ ان تي قرباني ڪرڻ واجِب آهي ۽ ياد رهي! قرباني واجِب هئڻ جي لاءِ نصَاب تي سال گذرڻ شرط نہ آهي، بلڪ ذوالحج جي 10 تاريخ جي صبح صادِق کان وٺي 12 ذوالحج جو سج غروب ٿيڻ تائين يعني انهن ٽن ڏينهن ۽ 2 راتين ۾ ڪنهن وقت بہ مالِڪ نصاب ٿي ويو تہ قرباني واجِب ٿي ويندي. (بہارِشریعت، جلد:3، صفحہ:334، حصہ:15)

قرباني ۽ ان بابت تفصيلي اَحڪام ۽ مسئلا سکڻ جي لاءِ ❖ بهارِ شريعت، جلد: 3، حِصُّو: 15 مان قرباني جو بيان پڙهي وٺو. ❖ امير اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جو رسالو ”ابلق گهوڙي سوار“ بہ انهيءَ مَوضُوع تي آهي، هن ۾ آسان انداز ۾ قرباني بابت بعض احڪام و مسائل ۽ احتياط لکيا ويا آهن، ❖ اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، ان جو نالو آهي: ***Qurbani Collection App*** (قرباني ڪوليڪشن ايپ) هن ايپلي ڪيشن ۾ قرباني جي جانورن جي باري ۾ تفصيلي معلومات، قرباني جي باري ۾ دارالافتاء اهلسنت جون فتوائون، قرباني ڪرڻ

جو مڪمل طريقو وغيره شامل آهي، پنهنجي اسمارٽ فون ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني سُنّت انبيا، سُنّتِ مصطفيٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! قُرباني ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، قُرباني ڪرڻ الله پاڪ جي رِضا وارو ڪم آهي، قُرباني ڪرڻ الله پاڪ جي قُرب جو سبب آهي، قُرباني ڪرڻ سنّت ابراهيمي آهي، قُرباني ڪرڻ سُنَّتِ انبيا آهي ۽ قرباني ڪرڻ سَيدِ انبيا، محبوبِ خُدا، اَحمد مجتبيٰ، يعني اسان جي آقا، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بہ پياري پياري سُنَّت آهي.

اُمُّ المؤمنين حضرتِ عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنها کان رِوايت آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم سان ڪارن پيرن، ڪاري پيٽ ۽ ڪاري اکين وارو ڏُنبو(گھيٽو) حاضِر ڪيو ويو، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇُري تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇُري پڪڙي، ڏُنبي کي ليٽائي پنهنجي رحمت وارن هٿن سان ان کي ذبح فرمايو، پوءِ اها دُعا گھري: (مسلم، کتاب:الاضاحی، صفحہ:782، حدیث:1967)

بِسمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ تَقَبَّل مِن مُّحَمَّدٍ وَّ مِن اُمَّةِ مُحَمَّدٍ

ترجمو: الله جي نالي سان، اي الله پاڪ! مُحَمَّد جي طرفان ۽ اُمَّتِ مُحَمَّد جي طرفان اها قرباني قبول فرماءِ. (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ )

بخاري شريف ۾ حضرت اَنَس رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي، سلطانِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ عدد، سڱن وارن، ڇٽڪمرن گھيٽن جي قرباني ڪئي، انهن کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان ذبح فرمايو ۽ ذبح جي وقت بِسمِ الله اَلله اَڪبَر پڙهيائون. (بخاری، کتاب:الاضاحی، باب:التکبیر عند الذبح، صفحہ:1417، حدیث:5565)

**اي عاشقانِ رسول!** مُعَاشَري ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به ڏٺا ويا آهن جيڪي عام حالتن ۾ خوب برگر پيزا کائيندا، بِيف، چڪن، مٽن وغيره جي صُورت ۾ گوشت جا خوب مزا وٺندا آهن پر جڏهن قرباني جو موقعو ايندو آهي ته انهن کي جانورن تي رَحم ڪرڻ ياد اچي ويندو آهي.

اهڙن نادانن تي افسوس ڪان سواءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي، ڏسو! اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ واحِد هستي آهن جن کي رَحمَةٌ لِّلعَالمين هئڻ جو شرف حاصِل آهي، خُود رَبّ پاڪ سندن شان ۾ فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾
(پاره17،سورةالانبياء:107)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان توکي سڀني جهان وارن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو.

**الحمد لله**، اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سراپا رحمت آهن ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام نبين جي لاءِ رحمت آهن ❖ تمام رسولن جي لاءِ رحمت آهن ❖ ملائڪن جي لاءِ رحمت آهن ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جِنن جي لاءِ رَحمت ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انسانن جي لاءِ رَحمت ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نباتات (وڻن ٽڻن، ٻوٽن وغيره) جي لاءِ رحمت ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جمادات (يعني بي جان شين) جي لاءِ رحمت ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جهان جي لاءِ رحمت ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڳيين جهان جي لاءِ رحمت ❖ ۽ بيشڪ باليقِين اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن جي لاءِ به ضرور ضرور رحمت آهن ❖ اهي اسان جا نبي، سراپا رحمت بڻجي اچڻ وارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ته آهن جن کي جانورن جي اک ۾ به لڙڪ برداشت ناهن ٿيندا، ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ته آهن جن جي بارگاهه ۾ جانور فرياد ڪندا هئا، ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ته آهن جن جانورن کي ڏينهن ۾ 70 ڀيرا گاهه کارائڻ جو حڪم فرمايو، ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ته آهن جن جانورن تي بار گهٽ رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ ❖ اسان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ته دُنيا جا اهي عظيمُ الشَّان، انتهائي رَحمدِل هستي آهن جن باقاعِده جانورن جا حقوق مقرر فرمايا، جڏهن

اهي رَحمتِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي، پنهنجي رَحمت ڀري هٿن سان جانور ذبح ڪري رهيا آهن ته اهو هن ڳالهه جو دليل آهي ته الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي، جائِز طريقي سان جانور ڪي ذبح ڪرڻ هر گز هر گز ظُلم نه آهي، جيڪڏهن اهو ظُلم هجي ها ته رَحمَةٌ لّلعَالمين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ايئن نه ڪن ها ۽ الله پاڪ جيڪو رَحمٰن به آهي، رَحِيم به ڪڏهن اهڙو حڪم ارشاد نه فرمائي ها.

پيارا اسلامي ڀائرو! قُرباني جي موقعي تي ڪن نادانن کي غريبن جو به فِڪر ياد اچي ويندو آهي، هونئن شادين تي ڇاهي لکين روپيا خرچ ڪن، عيد جي شاپنگ ڇاهي هزارين لکين روپين ۾ ٿئي، وڏن وڏن مهانگن هوٽلن ۾ دعوتون ٿين، ٻارن جي سالگرهه تي خوب پيسو خرچ ڪن، تڏهن انهن کي غريب ياد ناهن ايندا پر قرباني جو موقعو هجي، ربيع الاَوّل شريف جي لائيٽنگ ۽ سجاوٽ هجي ته غريب ياد اچي ويندا آهن، انهن نادانن جي معلومات جي لاءِ عرض آهي ته اِسلام مَن مَانِي ناهي سيکاريندو، اِسلام اَنا پرستي، نفساني خواهشن ۽ پنهنجي اَندر جي "مان" کي ماري صِرف الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اِطَاعت ڪرڻ سيکاري ٿو، لفظِ اِسلام جي معنٰي ئي "سر جهڪائڻ" آهي ۽ مُسَلمان به انهيءَ کي چئبو آهي جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حڪم اڳيان سر جهڪائيندو آهي.

تنهنڪري مسلمان جو ڪم مَن مَاني ڪرڻ نه آهي بلڪ مسلمان جو ڪم آهي: اکيون بَند ڪري الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اِطَاعت ڪرڻ. ۽ الحمد لله! مسلمان اهو ئي ڪندا آهن، ❖ جڏهن الله ۽ رسول جو حڪم ٿيندو آهي: زڪوٰة ادا ڪيو! مسلمان پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍي غريبن جي مالي مدد ڪندا آهن، ❖ جڏهن حڪم ٿيندو آهي: فطرو ادا ڪيو! مسلمان فطرو ادا ڪري غريبن جي عيد جون خوشيون ڀيٽيون ڪندا آهن ۽ ❖ جڏهن حڪم ٿيندو آهي ته قرباني جي ڏينهن ۾ جانور قربان ڪرڻ ئي الله

پاڪ وٽ سيني کان پسنديده عمل آهي تہ مسلمان شوق سان، ذوق سان، خوش دِلي سان، سنو، ٿلهو تازو، خوب صُورت، پيارو پيارو، قيمتي جانور خريد ڪري الله پاڪ جي رضا جي لاءِ قربان ڪندو آهي، ۽ ان جو گوشت غريبن ۾ تقسيم ڪري اُنهن جي مدد ڪندو ۽ هن ڳالھ جو عملي ثبوت ڏيندو آهي تہ اهو جانور تہ ڇا، الله پاڪ جو، ۽ ان جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم ٿئي تہ مان پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ کان پوئتي نہ هٽندس بلڪ

يہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں

(سامانِ بخشش، صفحہ:152)

۽ اها ئي شيء يعني الله پاڪ جو حڪم اکيون بند ڪري مڃڻ، اها اَصل ”سُنَّتِ ابراهيمي“ آهي. الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۾ فرمائي ٿو:

اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗۤ اَسْلِمْۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِیْنَ(۱۳۱)

(پاره1،سورۃالبقرۃ:131)

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن ان کي سندس پالڻهار فرمايو تہ ڪنڌ جهڪاءِ عرض ڪيائين مون ان جي لاءِ ڪنڌ جهڪايو جيڪو ساري جهان جو پالڻهار آهي.

محبت بے اِطاعت ایک دھوکہ ہے محبت کا
محبت کا جو دعویٰ ہے تو کوشش کر اِطاعت میں

۽ ڊاڪٽر اقبال بہ ڇا خُوب چيو آهي:

عقل کو تنقید سے فُرصت نہیں عشق پر اَعمال کی بنیاد رکھ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# قرباني جي فضيلتن بابت حديث سڳوريون

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني ڪرڻ الله ڪريم، رحمٰن و رحيم جو حڪم آهي، قرآباني ڪرڻ رَحمتن واري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّت آهي، ان ڪري رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ، ذوق ۽ شوق سان، خوش دِلي سان قرباني ڪريو.

❖ اُمُّ المؤمنين حضرتِ عائشہ صديقہ، طيبہ، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنها فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: نَحر (يعني 10 ذوالحجہ) جي ڏينهن الله پاڪ وٽ سڀ کان پسنديده عمل خون وهائڻ (يعني جانور ذبح ڪرڻ) آهي، بيشڪ قرباني جا جانور قِيامت جي ڏينهن پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سميت ايندا ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله پاڪ وٽ قبول ٿي ويندو آهي. تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو (ترمذی، کتاب:الاضاحی، باب:فی فضل الاضحیہ، صفحہ:383، حديث:1493) ❖ حضرت زَيد بِن اَرقم رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان لاءِ قرباني جي جانور جي هر وار جي عِوَض هڪ نيڪي آهي. (ابن ماجہ، کتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحیہ، صفحہ:510، حديث:3127) ❖ امام حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنه روايت ڪن ٿا، مڪي مديني جي سلطان، شاهِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو خوش دِلي سان، ثواب جي لاءِ قرباني ڪري، ان جي قُرباني ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ آڙ بڻجي ويندي. (معجم کبير،جلد:2، صفحہ:213، حديث:2670) ❖ "سُنَنِ ڪبريٰ" جي روايت آهي، مالڪ جنّت، قاسِمِ نِعمَت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ الله پاڪ جي بارگاه ۾ سڀ کان وڌيڪ پسنديده قُرباني اها آهي جيڪا قيمت ۾ اعليٰ ۽ خوب فربہ (يعني ٿلهي متاري) هجي. (مسند امام احمد، جد ابی الاشد، جلد:6، صفحہ:375، حديث:15893) ❖ هڪ روايت ۾ فرمايائون: پوڙهي جانور جي بدران جوان جانور جي قرباني بارگاهِ الٰهي ۾ وڌيڪ پسنديده آهي. (سنن کبری بیہقی، کتاب:ضحايا، باب: يستحب ان يضحی، جلد:9، صفحہ:507، حديث:19092)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# ٻي آيت: الله پاڪ وٽ تقويٰ مقبول آهي

سيپاري: 17، سوره حج، آيت:37 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْؕ

(پاره17،سورۃالحج:37)

ترجموڪنزالايمان: الله کي هرگز نہ پهچندو آهي انهن جو گوشت ۽ نہ انهن جو رت، هائو توهان جي پرهيزگاري ان وٽ پهچي ٿي.

**"تفسِير صِراطُ الجِنان"** ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: **جاهليت** واري زماني ۾ ڪافر پنهنجي قربانين جي رت سان ڪعبي شريف جي ديوارن کي آلوده ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ هن طرح ڪرڻ سان اسان کي الله پاڪ جو قرب ملندو. پوءِ جڏهن اسلام جو نور آيو، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان حج ڪيو، قربانيون پيش ڪيون تہ انهن جي تعليم جي لاءِ هيءَ آيت سڳوري نازل ٿي ۽ ٻڌايو ويو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ نہ تہ قرباني جو گوشت پهچندو آهي ۽ نہ رت بارگاهہ اِلٰهي ۾ پهچندي آهي، ها! توهان جي طرفان تقويٰ، پرهيزگاري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پهچي ٿي ۽ قرباني ڪرڻ وارو صِرف سٺي نيت، اِخلاص ۽ تقويٰ جي شرطن تي عمل ڪري ئي الله پاڪ کي راضِي ڪري سگهي ٿو.

(صراط الجنان، پاره:17، سورۂ حج، زيرِآيت:37، جلد:6، صفحہ:447)

جانتا ہے بارگاہِ حق کے آئین و اُصول؟ دِل کے ٹکڑوں کی یہاں پر نظر ہوتی ہے قبول

**اي عاشقانِ رسول!** تقويٰ جو واضِح ۽ سادو مفهوم اهو ئي آهي تہ تقويٰ گُناهن کان، الله پاڪ جي نافرماني کان بچڻ جو نالو آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو تہ مُتَّقِي کي مُتَّقِي ان ڪري چئبو آهي جو هُو حرج ۽ گُناهہ وارن ڪمن ۾ ڦاسڻ جيَ خوف کان انهن ڪمن کي بہ ڇڏي ڏيندو آهي، جن ۾ شرعي طور ڪو حرج ناهي هوندو. (منهاج العابدين، صفحہ:159)

# قرباني ۾ تقويٰ جون تقاضائون

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيتن مان معلوم ٿيو ته پنهنجي قرباني کي قبوليت لائق بنائڻ جي لاءِ تقويٰ جي تقاضائن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي، مثال طور ❖ قرباني ڏيکاءُ جي لاءِ نہ ڪئي وڃي، اِخلاص سان ڪئي وڃي ❖ قرباني ڪرڻ ۾ ڪو دُنياوي فائدو ملحوظ نہ هجي، صِرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ قرباني ڪئي وڃي ❖ جانور ڏسڻ، خريدڻ ۾ ڪو غير شرعي معاملو نہ ڪجي، هن جو خيال رکيو وڃي ❖ قاصائي سان مُعَاملو طئي ڪرڻ ۾ ”اجاري جا شرعي اُصُول“پيشِ نظر رکيا وڃن ❖ قاصائي جي اُجرَت پُوري پُوري وقت تي ڏني وڃي ❖ قُرباني جو جانور گهٽيءَ ۾ ٻَڌو ويندو آهي، جنهن سبب لنگهڻ وارن کي تڪليف ٿيندي آهي، ائين نہ ڪيو وڃي ❖ قرباني ڪرڻ وقت بعض اوقات رستو بَند ڪيو ويندو آهي، هن سان ٻہ ٻانهن جا حق پامال ٿي سگهن ٿا ❖ عوامي رستن تي قرباني ڪئي ويندي آهي، اهڙي صُورت ۾ حقوق العباد جو خيال رکيو وڃي ❖ گهٽين ۾ رت ائين ئي وهندو ڇڏيو ويندو آهي، جنهن سان گذرڻ وارن جا ڪپڙا آلوده ٿيڻ جو خدشو هوندو آهي، هن کان بچيو وڃي ❖ اوجهڙي ۽ جانور جا آنڊا، پيٽ مان نڪرندڙ گندگي وغيره ائين ئي گهٽي ۾ نہ وڌي وڃي ❖ مطلب قرباني ڪرڻ ۾ طهارت ۽ پاڪيزگي، صَفائي سٿرائي جو پُورو پورو خيال رکيو وڃي ❖ اِجتماعي قرباني جي صُورت ۾ گوشت جي تقسيم شرعِي اُصولن جي عين مطابق ڪئي وڃي، ڪنهن جو بہ حق ضايع نہ ٿيڻ ڏنو وڃي ❖ قرباني جي ڪل ڏيڻ جو جيڪڏهن ڪنهن سان واعدو ڪيو آهي تہ ان کي هر هر چڪر نہ لڳرايا وڃن ❖ ڪي نادان قرباني جي آڙ ۾ مَعَاذَ الله! جماعت ڇڏي ڏيندا آهن بلڪ ڪي تہ نمازون ئي قضا ڪندا آهن، انهن جا بهانا هوندا آهن تہ ❖ قاصائي دير سان آيو هو ❖ قرباني ڪندي ڪندي جماعت هلي وئي ❖ ڪپڙن تي رت لڳل هو، ان ڪري نماز ئي قضا ٿي وئي وغيره، مطلب قرباني جو جانور خريدڻ کان وٺي، ذبح ڪرڻ ۽ گوشت تقسيم ڪرڻ تائين هر اهو ڪم جيڪو گُناه آهي يا جنهن جي ڪري گُناه ۾ پوڻ جو انديشو آهي، ان

ڪم کان بچڻ تقويٰ جي تقاضا آهي ۽ قرباني ۾ تقويٰ جي تقاضائن تي عمل ڪرڻ قرباني کي بارگاهِ اِلٰهي ۾ قبوليت لائق بڻائي ٿو.

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت     کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا     یااللہ! مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:123)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! تقويٰ جي تقاضائن مان ئي آهي ته قرباني ڪرڻ ۾ ❖ اِخلاص جو جذبو به هجي ❖ اِيثار جو جذبو به هجي ❖ الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ تَن مَن، ڌن لُٽائڻ جو عَزم به هجي ❖ جڏهن جانور جي ڳلي تي ڇري رکي وڃي ته ٻانهو محبتِ اِلٰهي سان سرشار هجي ❖ دِل ئي دِل ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪري رهيو هجي موليٰ! جانور جي قرباني جو حڪم ٿيو، مان تنهنجي رِضا جي لاءِ جانور قربان ڪيان ٿو ❖ اِلٰهي! نفساني خواهشات کي قربان ڪري، تنهنجي رِضا وارا ڪم ڪرڻ به توکي محبوب آهن، موليٰ! اڄ تنهنجي رِضا جي لاءِ نَفسِ اَمَّاره کي به ماريان ٿو، اڄ کان پوءِ ڪڏهن نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي تنهنجي نافرماني نه ڪندس ❖ اي منهنجا پاڪ پروردگار! اڄ تنهنجي حڪم سان جانور قربان ڪري رهيو آهيان، تنهنجي رِضا جي لاءِ، تنهنجي دِين جي خاطِر وقت جي به قرباني ڏيندس ❖ موليٰ! جڏهن مؤذِن حَيَ عَلَي الفَلَاح پُڪاريندو ته ننڊ جي، پنهنجي دُڪان جي، ڪاروبار جي، دُنياوي ڪم ڪار جي قرباني ڏئي يڪدم مسجد ۾ حاضِر ٿي ويندس ❖ بلڪ اي منهنجا پيارا الله پاڪ! نفس جي خواهشات، وقت ۽ مال وغيره ته ڇا، تنهنجي رِضا جي خاطِر جيڪڏهن مون کان جان جي قرباني به گهري وئي ته هر گز پوئتي نه رهندس بلڪ

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں     تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں

(سامانِ بخشش، صفحہ:152)

**اي عاشقانِ رسول!** جڏهن قرباني جي جانور کي ليٽايو وڃي، ان جي ڳلي تي ڇري رکي وڃي، ان وقت ان عظيم قرباني جي تَصَوُّر ۾ گم ٿي وڃو، جنهن جي ياد ۾ جانور قربان ڪيو پيو وڃي، الله! الله...! تَصَوُّر تہ ڪيو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجو پٽ قربان ڪرڻ جو حڪم مليو هو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 90 سال هئي جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام عطا ٿيا، اڃا ڪير پيئڻ جي عمر ۾ هئا تہ حڪم ٿيو: ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَام) پنهنجي پٽ کي ۽ اُن جي والِده کي مڪ مڪرمہ ڇڏي اچو، مڪو پاڪ اُن وقت بلڪل غيرآباد هو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ سڪيلڌي شهزادي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ۽ اُن جي والِده کي مڪ مڪرمہ ڇڏي آيا، نہ پيشاني تي گهنج، نہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ ڪو عُذر، محبتِ اِلٰهي ۾ رضا ۽ خوشي سان پٽ ۽ گهرواريءَ جي جُدائي برداشت ڪئي. پر

ابھی عشق کے امتحاں اَور بھی ہیں

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 7 سال يا 13 سال ٿي تہ خواب ۾ پٽ جي قرباني جو حڪم مليو، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جا خواب وحي اِلٰهي هوندا آهن، تنهنڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خواب ۾ ملڻ واري الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪيو، رَسّي ڪٽي، ڇُري پڪڙي، پنهنجي هونهار شهزادي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ساڻ ورتو، مِنيٰ ۾ آيا ۽ پٽ کي حُڪمِ اِلٰهي ٻُڌايو، هونهار، فرمانبردار پٽ فرمانبرداري ۾ مٿو جهڪايو، اَدَب سان عرض ڪيائين:

قَالَ يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾
(پاره23،سورة الصّٰفّٰت:102)

ترجموڪنزالايمان: چيائين اي منهنجا پيءُ ڪر جنهن ڳالھ جو توکي حڪم ٿئي ٿو، ان شاءالله عنقريب تون مونکي صبر وارو لهندين.

والِد بہ نبي، پٽ بہ نبي، ٻئي محبتِ اِلٰهي سان سرشار ۽ ٻئي بارگاهِ اِلٰهي

۾ انوکي قرباني پيش ڪرڻ جي لاءِ تيار، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام شهزادي جا هٿ ٻڌا، زمين تي لِيٽايو ۽ ڇري ڳلي تي رکي ڇڏيائون.

الله! الله...!! مِنيٰ جي وادِي ۾ عجيب منظر هو، آسمان جا دروازا کوليا ويا ، ملائڪ اهو عجيب ۽ حيرتناڪ منظر ڏسي رهيا هئا ۽ روئيندي پُڪاري رهيا هئا: هن جو حق آهي تہ الله پاڪ هن کي پنهنجو خليل بڻائي.

الله اڪبر! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام پٽ جي ڳلي تي ڇري رکي، زور سان هلائي پر ڇُري پنهنجو ڪم نہ ڪيو، هاڻي ڏنو وڃي تہ اهو هڪ مَعقُول عُذر هو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام بارگاھ اِلٰهي ۾ عرض ڪن ها تہ مالِڪ! مون ڇري هلائي، حڪم تي عَمَل ٿي ويو، هاڻي ڇري ئي ڪُهڻ لاءِ تيار ناهي تہ مان ڇا ڪري سگهان ٿو، پر ائين نہ ٿيو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام عُذر پيش نہ ڪيو بلڪ جوشِ مَحبت ۾ ڇري کي پٿر تي تيز ڪيائون، پوءِ هلائي، نہ هلي، وري تکي ڪري هلائي نہ هلي، ٽئين ڀيري وري تکي ڪئي ايستائين جو ڇُري باھ جي شعلي جيان چمڪڻ لڳي، پوءِ پُوري طاقت سان هلائي پر الله پاڪ جي قُدرت جو ڇُري ڳلو نہ ڪپيو.

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: بابا سائين! مون کي پيشاني ڀر ليٽايو، ڇوتہ اوهان منهنجو چهرو ڏسو ٿا تہ اوهان کي رَحم اچي ٿو ۽ اهو ئي رَحم الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ رُڪاوٽ بڻجي رهيو آهي، هاڻي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام شهزادي کي پيشاني ڀر ليٽايو، وري ڇري هلايائون پر هن ڀيري بہ ڇري نہ هلي ۽ آواز آيو:

يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۝۱۰۴ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ابراهيم بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو.

(پاره23،سورة الصّٰفّٰت:104-105)

حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام جنّت مان دنبو (گهيٽو) وٺي حاضِر ٿيو ۽ الله پاڪ

**جي حڪم سان حضرت اِسماعيل** عَلَيۡهِ السَّلَام **جي فِديي ۾ ان دنبي کي ذَبح ڪيو ويو.** (حاشيہ صاوی علی جلالین، پارہ:23، سورۂ صٰفّٰت، جلد:3، صفحہ:123تا125)

عجب چیز ہے لذتِ آشنائی | دوعالم سے کرتی ہے بیگانہ دِل کو

(کلامِ اقبال، بالِ جبریل، صفحہ:196)

**اي عاشقانِ رسول! اهو آهي اِخلاص ڀريو جذبو! اهو آهي محبت ڀريو جذبو...!! پر افسوس...**

وہ دِل، وہ آرزو باقی نہیں ہے | رگوں میں وہ لہو باقی نہیں ہے
یہ سب باقِی ہیں، تُو باقی نہیں ہے | نماز و روزہ و قربانی و حج

**پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم** عَلَيۡهِ السَّلَام **۽ حضرت اسماعيل** عَلَيۡهِ السَّلَام **جي انهيءَ اِخلاص ۽ محبت واري جذبي جي ياد ۾ اسان جانور قربان ڪندا آهيون، هاڻي اندازو ڪيو! جيڪو جانور قربان ڪري اهڙي محبتِ اِلٰهي ۽ جذبہ اِخلاص جي ياد ملهائي رهيو هجي ڇا هو رَبّ ڪريم کان توجهه هٽائي رِياڪاري ۽ ڏيکاءُ ڪندو؟ ڇا اهو ٻانهن جا حقوق پامالِ ڪندو؟ ڇا هو قرباني کي آڙ بڻائي نمازون قضا ڪندو؟ هر گز نہ، ان ڪري اي عاشقانِ رسول! قرباني تہ محبتِ اِلٰهي جي ياد ۽ پنهنجي طرفان محبتِ اِلٰهي جو عملي اِظهار آهي يا وري ڪٺي ڇئجي تہ خود قرباني ئي اها تقاضا ڪري ٿي تہ جهڙي طرح اڄ قيمتي جانور الله پاڪ جي حڪم تي قربان ڪيو پيو وڃي، اهڙي ئي طرح الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ تمام گُناهن کان بچيو وڃي، تقويٰ اختيار ڪئي وڃي، الله پاڪ جو حڪم اچي تہ پوءِ بَس وقت، مال، خواهشات بلڪ پنهنجي جان بہ قربان ڪئي وڃي، الله پاڪ فرمائي ٿو:**

قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَ نُسُكِیْ وَ مَحْیَایَ وَ مَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَۙ(۱۶۲)

(پارہ8،سورۃالانعام:162)

ترجموڪنزُالعِرفان: تون فرماءِ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سمورو الله جي واسطي آهي **جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي.**

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں
(سامانِ بخشش، صفحہ:152)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽئين آيت: بُدنہَ شَعَائِرُ الله مان آهي

سيپاري: 17، سوره حج، آيت:36 ۾ ارشاد آهي:

وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآىِٕرِ اللّٰهِ (پاره17،سورة الحج:36) ترجمو ڪنزُ الايمان: ۽ قرباني جا ڇڏيل جانور اٺ ۽ ڏڳيون اسان توهان جي واسطي الله جي نشانين مان ڪيا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ بُدنہَ شَعَائِرُالله مان آهي ۽ هن ۾ اسان جي لاءِ ڀلائي آهي، "تَفسِير صِراطُ الجِنان" ۾ آهي: اَحنَاف جي نزديڪ بُدنہَ مان مراد اُٺ ۽ ڳئون آهي ۽ آيت جي معنيٰ هيءَ آهي تہ الله پاڪ قرباني جي وڏي جسامَت وارن جانورن کي مسلمانن جي لاءِ پنهنجي دِين جي نشانين مان بڻايو آهي. (صراط الجنان، پاره:17، سورۂ حج، زيرِآيت:36، جلد:6، صفحہ:444)

اي عاشقانِ رسول! قرباني جي جانور جي شان و عظمت ڏسو جو انهن ۾ اُٺ ۽ ڳئون کي الله پاڪ هن آيت سڳوري ۾ صاف صاف شَعَائِرُ الله (الله پاڪ جون نشانيون) فرمايو آهي ۽ باقي قرباني جا جانور يعني ٻڪري ۽ دُنبو وغيره بہ تہ دِين جي هڪ اَهم شِعَار يعني قرباني جي لاءِ پنهنجي جان پيش ڪن ٿا. شَعَائِرِ دِين جي عِزَّت و تعظيم جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآىِٕرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿۳۲﴾ (پاره17،سورة الحج:32) ترجمو ڪنزالايمان: ڳالھ اها آهي تہ جيڪو الله جي نشانين جي تعظيم ڪري تہ اها دلين جي پرهيزگاري آهي.

يعني الله پاڪ جي نشانين جي تعظيم ڪرڻ دِلين جي پرهيز گار هجڻ جي عَلامت آهي. مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرباني جي ڳئون، اٺ، ڪي سجائڻ، انهن کي گهمائڻ سڀ جائز آهي ڇوته اهو شَعَائِرُ اللّٰه جي تعظيم آهي ۽ شَعَائِرُ اللّٰه جي تعظيم اِيمان جي اَصل آهي، قرباني جي تعظيم اها آهي ته ان کي ڪارائي پيئاري خوب ٿلهو متارو ڪري، خوشي سان ذبح ڪري، بِلا ضرورت ان تي سُوار نه ٿئي، ان جو کير نه پيئي، قرباني ڪري ان جي گوشت کي تبرڪ طور کائي. (تفسير نور العرفان، پاره:17، سورهٔ حج، زيرِآيت:36، صفحه:404ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانورن کي تڪليف نه ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! دِينِ اسلام جي خُصوصيتن مان اهو به آهي ته اسان جي پاڪيزه دِين جانورن جا باقاعِده حق مقرر ڪيا آهن ۽ قرباني جو جانور ته وري قرباني جو جانور آهي، ان جي عِزَّت، ان جي تعظيم، ان جي حقوق جي رِعَايت ته خاص ڪري ضروري آهي.

پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ عِلمِ دِين کان دُوري آهي، اَفسوس! ماڻهو اخلاقي طور ڪمزور ٿي رهيا آهن، ڪي جاهل، نادان ۽ ڇڙواڳ ته بي زبان جانورن تي اهڙا ظُلم ڪن ٿا جو رُوح ڏڪي وڃي ۽ ڪي ماڻهو عِلمِ دين کان دُوري جي ڪري اڻ واقفي ۾ به جانورن کي تڪليف پهچائي رهيا هوندا آهن. قرباني جي ڏينهن ۾ به ڏٺو ويندو آهي ته منڊي ۾ جانور آڻڻ ۽ وڪڻڻ کان وٺي ذبح ڪرڻ تائين ويچاري بي زبان جانورن تي ڪيئي طرح جا ظُلم ڪيا ويندا آهن، مثال طور (1): جانور ڪنهن پري علائقي کان آندو وڃي ته سفر دوران مناسب خوراڪ نه ڏيڻ (2): ننڍي گاڏي ۾ وڏو جانور، يا گهٽ جڳهه ۾ ڪيئي ڪيئي جانور سوار ڪرڻ (3): جانور کي گاڏي تي چاڙهڻ ۽ لاهڻ مهل احتياط سان ڪم نه وٺڻ، ڪڏهن جلد بازي ۾ جانورن کي گاڏي تان ٽپو ڏياريو ويندو

آهي جنهن سان ويچاري جانور جي ٿڻ ٿڻ يا سٽ اچڻ جو خطرو هوندو آهي، ڪڏهن تہ اهڙي صُورت ۾ جانور قرباني جي لائق بہ ناهي رهندو (4): منڊي ۾ خرچو بچائڻ جي لاءِ جانور کي بکارو رکڻ، هڪ پيرو ڪنهن اُٺ خريد ڪيو تہ وڪڻڻ واري ان جي ڪن ۾ چيو تہ اهو ڪيئي ڏينهن کان بکارو آهي ان کي چارو ڪارائجان. الله جي پناهہ! الله جي پناهہ..! (5): جانور کي هرويرو مارڻ، خوامخواهہ ان جي ويجهو شور ڪرڻ، ان کي ڊيڄارڻ، ان جي قريب خوامخواهہ رش ڪري هيسائڻ (6): ڪڏهن جانور کي گهمائڻ جي نالي تي بار ٻار وڏا خوامخواهہ ان جو ڪن موڙڻ، پُڇ موڙڻ، شور ڪرڻ جنهن سان جانور ٿهندا يا ڊڄندا آهن(7): ذبح جي وقت قاصائي بہ جلد بازي ڪندا آهن مثال طور ذبح کان بعد جانور کي ٿڌو ٿيڻ ناهن ڏيندا، اجا ويچاري ۾ ساهہ هوندو آهي جو ان جي کل لاهڻ لڳندا آهن يا جلد ٿڌو ڪرڻ جي لاءِ ڇُري سان دِل جون رڳون ڪپي ڇڏيندا آهن ۽ بلاوجہ جانور کي اِضافي تڪليف پهچائيندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي نادان جانورن کي تڪليف پهچائن ٿا، انهن تي ظُلم ڪن ٿا، انهن کي ڊڄڻ گهرجي، امام اِبنِ حجر مکي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو جانور کي ناحق تڪليف ڏي، بُکارو اُڃارو رکي يا ان جي طاقت کان وڌيڪ ڪم وٺي، قيامت جي ڏينهن ان کان اهڙو ئي بدلو ورتو ويندو جهڙو ان جانور تي ظُلم ڪيو. (جہنم میں لے جانے والے اعمال، جلد:2، صفحہ:323)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مسجد درس

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ قرآن و سُنّت جو پيغام عام ڪرڻ ۾ مصرُوف عمل آهي، اوهان بہ 12 ديني ڪمن ۾ حصّو وٺو ۽ دُنيا وآخرت جون ڪوڙ ڀلايون حاصِل ڪريو. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي:**مسجد درس**.

## ڪجھ گھڙين جو سودو

ڪوٽ مومن (ضلعو سرگوڌا، پنجاب پاڪستان) جي هڪ قريبي ڳوٺ لُلّياني جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان گُنَاهن ۾ قاتل هيس ۽ گُنَاه جي ڪري منهنجي دِل سخت ٿي چڪي هئي، بدنگاهي ۽ والدين جي نافرماني جهڙا گُنَاه منهنجي معمول ۾ شامِل هئا، منهنجي گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ هدايت جي روشني هن طرح آئي جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ جي دعوت تي دَرس ۾ شريڪ ٿيس، درس جا الفاظ اهڙا پُرتاثير هئا جو منهنجي دِل ۾ سمائجي ويا، گُنَاهن جي گرد ڀري ٿيڻ لڳي، مون کي پنهنجي گهاريل زندگي تي افسوس ٿيڻ لڳو. افسوس! زندگي جو هڪ وڏو حصو غفلت ۾ گذري ويو. دَرس جي ذريعي نصيحت جي انمول موتين منهنجي مرده دِل کي زِنده ڪري ڇڏيو، مون انهيءَ وقت توبه ڪئي ۽ آينده گُنَاه نه ڪرڻ جو پختو ارادو ڪري ورتو. الحمد لله! منهنجو ڪجھ گھڙين لاءِ فيضانِ سُنّت جي درس ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجي زندگي ۽ آخرت جي بهتري جو ذريعو بڻجي ويو. هاڻي الحمد لله! مان عطاري آهيان، پنج وقت جي نماز باجماعت اها به پهرين صَف ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت ماڻي رهيو آهيان. (چند گھڑیوں کا سودا، ص11ملتقطاً)

عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول ہے فیضانِ غوث ورضا مدنی ماحول
اگر سنتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سکھا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند زندگي جا آداب بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايائون: منهنجي نائِب تي الله

پاڪ جي رَحمت هجي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ وارا ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ڪاڏو ڪارائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو ڪنهن بکايل کي ڪاڌو کارائي، الله پاڪ ان کي جنت جا ميوا کارائيندو. (ابو داؤد، کتاب:زکوٰۃ، باب:سقی الماء، صفحہ:274، حدیث:1682) (2): جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي بک مٽائڻ جو اهتمام ڪري ۽ ان کي ڪاڌو کارائي ايستائين جو هو ڍاپجي وڃي تہ الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (مسند ابی یعلی، ثابت البنائی عن انس، جلد:3، صفحہ:138، حدیث:3420)

اي عاشقانِ رسول! ڪاڌو ڪارائڻ سنّت مصطفيٰ آهي ❖ اسان جا پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻين کي ڪاڌو کارائڻ پسند ڪندا هئا ❖ حضرت سيدُنا طلحہ بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان اصحابِ صفہ جي لاءِ ڪجورون مقرر هيون، جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ روزانو انهن وٽ موڪليندا هئا. (معجم کبیر، جلد:4، صفحہ:388، حدیث:8086) ❖ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: مان صفہ ۾ هيس تہ تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان ڏانهن عجوه ڪجورون موڪليون. (مستدرک، کتاب:الاطعمہ، جلد:5، صفحہ:165، حدیث:7214) ❖ اي عاشقانِ رسول! اهي ڪجھ مِثال آهن، نہ تہ حقيقت تہ اها آهي جو جنهن کي جيڪو بہ مليو تہ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ئي مليو، سڄي دُنيا سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ئي صدقو کائي رهي آهي.

کھاتے ہیں تیرے در کا، پیتے ہیں تیرے در کا
پانی ہے تیرا پانی، دانہ ہے تیرا دانہ

**الله پاڪ اسان کي بہ سنّت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي پنھنجي مسلمان ڀائرن جي خير خواهي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (القول البدیع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغیب والترھیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱))

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. ( مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد